ماٺ ۾ پڙهو:-

# ڀڳت



”ڀڳت“ سِنڌي سنسڪرتيءَ جو هڪ اَنوکو قسم آهي. سنڌي لوڪ ڪٿا لوڪ نرتيہ ۽ لوڪ سنگيت جو اَنوکو ميلاپ يا سنگم آهي. گهڻو ڪري رات جو ڀڳت ڪئي ويندي آهي. پرڀات ويلي ڀڳت مان وڏيڪ آنند ايندو آهي.

ڀڳت وجهندڙ ڪلاڪار کي ”ڀڳُت“ چئبو آهي. جيڪو نہ صِرف گوبند جا گُڻ ڳائيندو آهي پر ديو ديوتائن کي بہ ياد ڪندو ۽ ڪرائيندو آهي. سنڌي لوڪ ڪٿا، لوڪ نرتيہ ۽ لوڪ گيت جي بهترين ۽ سپيتڪ جهلڪ پسائيندو آهي.

ڀڳت ساز ۽ آواز جو سنگم آهي. هارمونيم، ڈُڪڙ ۽ ڍولڪ ڀڳت جا مکيہ ساز آهن. ڍولڪي ڪڍهن هٿن ۾ گُهنگهرو ٻڌي بہ ڍولڪ هلائيندو آهي ۽ ڍولڪ جي آواز سان ڀڳتن جي پيرن ۾ پيل گهنگهرُن جيئان ساز ۽ آواز کي تال ڏيندو آهي.

ڀڳت ۾ مکيہ ڀڳت کي ’مُهرو سڏيو ويندو آهي ۽ هنجي ساٿين کي ٻولڙيا يعنيِ سُرَ مِلائيندر بہ سڏبو آهي. اُهي سڀ پهرين ساز ۽ سازيندڙن اَڳيان نِمندا آهن ۽ اِشٽ ديو جي اِستوتي ڪندا آهن. ڀڳت جي دوران مکيہ ڀڳُت ڳائيندو، نچندو ۽ وچ وچ ۾ لوڪ ڪهاڻي ٻڌائيندو آهي.

سنڌي ڀڳت، ڀارت جي مشهور نرتيہ ڪٿڪليءَ سان مِلي جَهلي ٿي.

رڳو فرق اِن ڳالهہ جو آهي تہ ڪٿڪليءَ ۾ ناچ سامهون ۽ گيت پردي جي پنيان هوندو آهي. ڀڳت ۾ ناچ، گيت ۽ آکاڻي ٽيئي ڏسندڙن جي سامهون هوندا آهن.

ڀڳت لاءِ خاص پوشاڪ جيئن تہ چير، جامو، پڳڙي ۽ ڪنڊلي ضروري هوندا آهن.

ڀڳت ۾ نِج سنڌي تال جُهمٽ هلندو آهي. جُهمٽ تال جي ٻُلند آواز تي ڀڳتن جا پير ۽ جسم جهومندا آهن.

سنڌي ڀڳت جي پرمپرا ڪافي جهوني آهي. سائين سترامداس، سنڌي ڀڳت کي قبوليت ڏني آهي. ڀڳت ڪنوررام، ڀڳتن جو شِرومڻي سڏجي ٿو.

پروفيسر رام پنجواڻي بہ بهترين نموني ڀڳت پيش ڪئي آهي.

اَهڙيءَ ريت ڏسبو تہ ڀڳت مان وندر، ڀڳتي ۽ خوشي حاصل ٿئي ٿي.

ڏسو: جاچيو ۽ ٻڌايو:




هدايت:- ١) ماستر شاگردن کي چتر ڏيکاري اُنهن بابت گفتگو ڪرائيندو ۽ جاڻ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

٢) ڏيکاريل ڏڻ ۽ راندين بابت گهر مان پاڻ لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# اَچو تہ سِکون

**پڙهو ۽ لکو:-**

ماستر شاگردن کي هيٺين بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو.

## ٢. گهر (House)



ڀت (wall)
پردو (curtain)
چادر (bedsheet)
ڪُرسي (chair)
تصوير (painting)

دروازو (Door)
ڪٻٽ (cupboard)
وهاڻو (pillow)
ٽيبل (table)
ڇپر (roof)

دري (window)
پلنگ (bed)
سَور/مڱهہ (blanket)
پيٽي (Trunk)
بتي (Light)

## ١. رنڌڻو (Kitchen)



باسڻ (utensils)
تختو (shelf)
ڪچري جو ڊبو (dustbin)
بوتل (bottle)
تري (Fry)
اُٻارڻ (boil)

چمچو (spoon)
بالٽي (bucket)
ڪٽورو (bowl)
ڌوئڻ (wash)
پيسڻ (grind)
باهہ (fire)

ٿالهي (plate)
ٻهاري (broom)
ڇُري (knife)
سِجهائڻ (cook)
پچائڻ (roast)

## ٣. اَن / کاڌو (Food)



ڏُڌ (butter - milk)
ڊبل روٽي (bread)
مڇي (fish)
ڦلڪو (chapatti)
تيل (oil)
چانهہ (tea)
مرغي (chicken)
ٿوم (garlic)
ڪٺاڻ / آچار (pickle)
ڏينهن ماني/روٽي (lunch)
بکايل (hungry).

ڀاڄيون (Vegetables)
اَناج (food-grains)
چانور (rice)
بسڪوٽ (biscuit)
کنڊ (sugar)
مکڻ (butter)
اَٽو (flour)
اَدرڪ (ginger)
مرچ (chilli)
نيرن (Breakfast)

ڦل (Fruits)
بيدو (egg)
گيهہ (Ghee)
مٺائي (sweets)
لوڻ (salt)
ڪيڪ (cake)
ڏهي (curd)
ڪافي (coffee)
رات جي ماني (dinner)
اُڃايل (Thirsty)




مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و
اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

सिंधी (अरे.) सिंधुभारती इयत्ता ७ वी

₹ 27.00